# هراڻ

يءَ ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

نمبر ۱ جلد ۵
جنوري، فيبروري، مارچ | سال ۱۹۵۰ع

"مُلاحظو "مهراڻ" جو، مُور مَ لاهه سنڌ...
ساونڊي سَياڳ ڪي، سُهڻ آيُٺي سا...
ـ جاڳي جَرَ ستاءِ، تاري وَنُڻ تَراز ڪي!"
ـ شا...

سنڌي ادبي بورڊ
ڪراچي : حيدرآباد
سنڌ



*سنڌ جو ڪوٽڙي براج
"ڪنڌيءَ سڪائين ڪانھ، ٻاھر ٻيلا ٻوڙيين ! -شاھ.



"مهراڻ" جي ماٿ -روهڙيءَ واري پل

# "مهراڻ"

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد (سنڌ).

ساليانو چندو ۱۰-۰-۰ روپيا.        في ڪاپي ۲-۸-۰ روپيا.

اشتهار في صفحو ۱۰-۰-۰ روپيا.

Edited, Printed and Published by Mohammed Ibrahim M. Joyo B. A., B. T., Secretary, the Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press and Book Stall, Tilak Incline, Hyderabad (Sind).

کشنچند "بيوس"

# پکيءَ جي پڪار

تازو تري آچي ٿو دل تي آهو زمانو،
جنهن ۾ اَڏيو آجهو سون، آزاد آشيانو،
لامن تي لوڏا منهنجيي، شاخن تي شادمانو،
غنچن گلن ڦلن تي، منهنجو هو خاص گانو،
موجود ۽ ميسر هو سير آسماني،
چهري مان ٿي خوشيءَ جيي نروار ٿيي نشاني.

سهڻو صبح سمو سون گلزار ۾ گذاريو،
مُکڙين کي هير ايندي ٿي ننڊ مان اُٿاريو،
نازڪ گلن ڦلن کي مُنهن ماڪ ٿي ڌناريو،
ڌرتيءَ جي فرش کي ٿي سبزيءَ ڪُلي سنواريو،
منهنجو اُتي، اَڏڻ هو پنهنجي وڏي ولر سان،
خوش هوس پنهنجي ٻچڙن کد گُذگذاري گهر سان.

ڪافي نه قوت منهنجو ٿورن ڪچن کڻن تي،
آزاد ٿيي وڃيي جي ويهي رهان وڻن تي،
چوڳي لئه چهنب منهنجي شايد پوي مٽن تي،
خوراڪ آهه خاصي گهاٽن ڇڳن ڪهڻن تي،
وڻندو وتان خوشيءَ سان منڙي هوا چمن جي،
سون کي ٻٽيي پياري پنهنجي ٻرين وطن جي.

وڇڙي وطن ولر کان هي حال ٿي رهيو آ،
دل غم کي پي رهي آ، غم دل کي پي رهيو آ،
جيڪس هي جسم جنسي بي جان جيي رهيو آ،
هيئن هڏن بنا پيو باقي نه ڪيي رهيو آ،
پڇري جو پيد مون لئه موجن جو ماڳ ناهي،
هيءَ دانهن آهي دردي، آلاپ راڳ ناهي.

آجو رهي ٿو ماري ڪين پاڻ مَوج ماڻي،
ليڪن اِهو مون ٻڪيءَ تي ٿو ترس ڪوبه آڻي،
آزاد جنهن گذاريو سو قيد مان نه ڄاڻي،
بانديءَ جي حالُ دل جو باندي رکو ٻڌائي،
آزاد مون کي ڪر تون او قيد ڪندڙ سائين!
مون بي‌زبان جي "بيوس" آسيس ڪٽ سدائين!

---

جِڪَسِ ڪَمِ سَندامِ، جوٺا ڏِٺا جيڏيين،
ڪِلَن سڀ مَٺامِ، ساهيڙِيُون ۽ سَرَتِيُون.

ٽِڙِڪي، پَسِي ٿوڪَ؛ ٽِرِڪي، تَڪَبُّرَ ۾ پئي؛
آچئو آچئو، "آگِلي"، چئي ليلا کي لوڪَ،
آنَدَرُ او ٻالن سين، ساڙي ڪِيائئِسِ سوڪَ،
ٻالاپڻَ جو ٻوڪَ، وئو ويچاري وِسَرِي.

هُيسِ هندورن ۾، پيئم ڪانهه پَرَوڙ،
مٿيِي سَندي ماسِري، ڪوجهي وِڌِيَس ڪُوڙ،
ساهُها ٿيم سُور، وِئو وِلَڙي وَلَهوا!

— شام.

”جيڪا قوم پنهنجي شاعرن کي پوري پُڌڻ لاءِ
تيار نہ آهي، سا نہ فقط ڪنن کان ٻوڙي آهي، پر خود
سندس زندگي عظيم خطري ۾ آهي. ڪوئل جي
”ڪوڪو“ برابر اُن جي گذري وڃڻ کان پوءِ بہ
فضائن ۾ گونجندي رهندي آهي، پر جيڪو روحاني
امنگ اسان کي اها ”ڪوڪو“ ٻڌرائي ٿو، ان جي
سهاري تہ اسين جيون ٿا! پوءِ دلين ۾ اهو امنگ سري
ويو، تہ زندگي سوت سمان نہ ٿي تہ ٻيو ڇا ٿيو؟“

(— گمنام)

# ڪافيون

## فقير محمد محسن "بيڪس" رحه

لاهہ مناسب مڏوا توکي، بيکس سان بيپرواهي!

١- ويس بسنت ۾ ڏئين ڏيکاري، ڳهٽ ڳهٽ تنهنجا نيڻ خماري،
شان رکيو تو شاهي!

٢- برهہ بسنت کليو چوڏاري، ڪاٽي دام تہ کاٽي ماري،
مند عجائب آئي!

٣- ويکو سَئيان يار پيارا، ظاهر باطن نور نيارا،
شاه ڪري ڳدائي!

٤- ويس متائي آيو اٿاهين، ظاهر "بيدل" مرشد سائين،
رکندا خيال خدائي!

٥- "بيکس" بيوس نيهن جو لعرو، هڻ تون وحدت کي ڪر وارو،
عشق عجب الا هي!

## مرحوم مخدوم غلام نبي "پنيلڊو" رحه

مظهر "ذاتي" ٿياسين ظهور، ناز "نفي" ڪجهہ ڪام نہ آيا!

١- "انحد" عشق اشارا آندا، سب سنسار هليا هيڪاندا،
"انا الحق" دا ياتس ڦاندا، هر مذهب وچ هو مشهور،
هر هردي وچ هردم آيا.

٢- ڪٿ"ارني" ڪٿ"ايمن"آوي، ڪٿ "تجلي" طور جلاوي،
ڪٿ برهہ دي"بازار" وکامي، ڪٿ "قربانـي" مـن منظور،
ڪٿ پرده "پدري" دا پايا.

٣- من مظهر تان منصب پاوين، وچ ذاتي دي "ذات" سڏاوين،
"عبد" دي اولي مول نہ آوين، صاف "سري" دا شان شعور،
رک ڪي رمز رندي رنگ لايا.

٣- ڪٿي ٻَٽَ سَٽيونَ، ڪي، ٻَرن ٻَرتُ گوريُون،
ٻَيون ٻنهنجا اڳَڙ، ٻُهارن سَدوريون،
تنواري ٻبارن، هُتي چانگ چوريون،
اکين آڙ بن سان، هيتي ڪا نهاري...!

٤- ٽَريُن تي ڪرِين، ٽوڙو، ٽر رَسان مان،
وڃي ٻنهنجي وڳرَ ۾، ويڙهي وسان مان،
ٽري ڏُرت "ٻردا" تہ ٻنهنجا ٻَسان مان،
وطن تي وري شل، الله واڳَ واري!

## شبير ٽڪڙائي

قرب ڪٺل دل ٻارا ٻارا،    تو تان صدقي، صدقي، صدقي!
لک ٻيرا آڇ ٻريم ٻيارا،    تو تان صدقي، صدقي، صدقي!

۱- چوڙي چڏين جي چيڪ چتن ڪي،
ونگ وجهن هوند وانهڙن ڪي،
روز هزارين ٽين ويچارا،    تو تان صدقي، صدقي، صدقي!

۲- جن، ملائڪ، حورون، غلمان،
حسن تنهنجي تي هر جُڳُ حيران،
قطب، ڪتيون، سج، چنڊ ۽ تارا،    تو تان صدقي، صدقي، صدقي!

۳- راتو ڏينهان راهون نهاريان،
ٻلٻل ويٺي ٻرت ٻچاريان،
لت وهن ٽا نيڻين لارا،    تو تان صدقي، صدقي، صدقي!

٤- ڪيفي ڪاريون ڪجليون اکڙيون،
آهن ڏاڍيون ڏاهيون ڏنگڙيون،
ڪن ٽيون مشتاقن تي مارا،    تو تان صدقي، صدقي، صدقي!

٥- يار "شبير" ذي موڙ مهارون،
لڪريو ڪريان لرت نهارون،
لرمل تنهنجا لوري نظارا،    تو تان صدقي، صدقي، صدقي!

# گيت

"تنوير" عباسي

## "ديپڪ"

آءٌ تہ پنھنجي سُر کي ڇيڙيان،
ھن جڳ کي بدلايون!

گيت پراڻا آلاپيندي،
پنھنجي دل ۾ پرجي ويئي؛
ساڳي سُر تي ڪن لائيندي،
خلق خدا جي ٿڪجي پيئي.
ساز نوان ڪي آڻيون، مٽڙا،
راڳ نوان ڪي ڳايون-
ساز ۾ سوز سمايون.

چارڻ چوري چنگ ٿڪي پيا،
ھر لہ مليو ڪو سُر جو دان؛
گيت مري ويا، ساز ڀڄي پيا،
چپ ٿي ويو ھي سارو جھان-
اُٺي جو سُر جي کھرجي، ھرين
پنھنجي سر کي وڌايون-
سُر جو سانگو لاھيون.

لوڪ وسائي وسائي ٿڪاسين،
ھر لہ وسائي دل جي آگ؛
سارنگ ڳائي ڳائي ٿڪاسين،

هاڻي ڇيو ٿئون ڪو راڳ،
سُر ۾ سمائي آڳ اندر جي،
آءٌ ته ديپڪ ڳايون،
آءٌ ته باهه دکايون.

آءٌ ته پنهنجي سُر کي مٿايون،
هن جڳ کي بدلايون!

## گووردن محبوباڻي "پارتي" (اجمير)

# پريتم جي آس

ليلي ليلي دور گگن ۾،
پنهنجي پريتم سندي لگن ۾،
ڪرڻن جي ڪومل تارن جي، ويٺا ٽڌر وڄائي ويٺو،
شايد، چنڊ ڪي ڳائي ويٺو!

صاف سهاڻي مالا پائي،
پيشانيءَ تي تلڪ لڳائي،
پريتم ڪي هرڪاڻ خاطر، پنهنجو پاڻ سجائي ويٺو،
شايد، چنڊ ڪي ڳائي ويٺو!

تارن جا ٿو ديپ جلائي،
بادل جي ٿو سيج وڇائي،
جنهن کي چانڊوڪي-چادر سان، چاهه منجهان چمڪائي ويٺو!
شايد، چنڊ ڪي ڳائي ويٺو!

سوچي ويٺو: "ساجن ايندو،
منهنجو ڀاڳ ڀليرو ٿيندو"،
پياري پريتم کي پائڻ جا، پل پل ڀور پچائي ويٺو،
شايد، چنڊ ڪي ڳائي ويٺو!

کيس اندر ۾ آس گھٽي آ،
اڻ ڀريتم جي پياس گھٽي آ،
ان لاءِ آس ڀرين اکڙين سان، وياڪل ٿي واجهائي ويٺو،
شايد، چنڊ ڪي ڳائي ويٺو!

ھر ڀريتم آ دير لڳائي،
دک کان چنڊ جي دل گهٻرائي،
ڏوڙي ڏوڙي گگن-منڊل مان، ڀريتم ڪاڻ ٻچائي ويٺو،
شايد، چنڊ ڪي ڳائي ويٺو!

## شيخ "اياز"

ڪٿي آ منهنجي منزل سائين، ڪٿي آ منهنجو ماڳُ؟
رات انڌيري، ويل اويري،
چنڊ ستارا منهنجا ويري –
اچي ڪڏهن مون سان مل سائين، ٻُلي ھيو آ ڀاڳ.
ڪٿي آ منهنجي .........
ويهي ونجهه هٿان مان ڪيسين،
لهرين ساڻ لڙان مان ڪيسين –
سُجهي ڪو ساحل سائين، سامهون سمنڊ اجهاڳ.
ڪٿي آ منهنجي .........
سات انهيءَ جو سنگ انهيءَ جو،
نينهن انهيءَ جو ننگ انهيءَ جو–
ڳولا ۾ آ شامل سائين، مون سان منهنجو ڀاڳ!
ڪٿي آ منهنجي منزل سائين، ڪٿي آ منهنجو ماڳُ؟

## عارف المولي

منڊ ماڻ جي آئي –
ماڳين
آءُ مٺا تون موٽي!
ساوڻ جي رُت آئي سهڻا، مينهن ڪيا ماندائا،
ساوا گاهه گسن تي ٿيڙا، ٽوھر ڦوڳ ڦلائا،
تاڙو "تون تون" تند تنواري، ڪوئل "ڪوڪو" ڪيو پوڪاري،
وڄ چمڪي ٿي، گوڙ گجي ٿي،
ڪڪرن ڪٺي آچوٽي –
ماڳين
آءُ مٺا تون موٽي!

نَنڍي وهيءَ کان نيڻهن اوهان جو سَنڌن منجهه سمايو،
ڏاج ڏُکن جو ميليو مهندان سورن سانگ بنايو،
ٻيوند ٻچ ٻريمي ٻيِتَڙا، ورهه جا ولگ وکوڙي وِيڙا،
سِڪ جي سُٺيءَ سان ساهه سيبيو تو،
عشق جي ڏيٺي اوٽي –
ماڳين
آءٌ مٺا تون موٽي!

طعنا تنکا لوڪ جون لُوهُون، مهڻا ۽ مهميزون،
مَرڪ اِهو مُشتاقن اصلان، پيرت ۾ چا پرهيزون،
لُڙڪ لَڙي گَل ڳوڙها آيا، دُک جا دِل تي بادل ڇايا،
تو لئه ھورب ھنڌ ھچايم،
لال ڪڍي لالکوٽي –
ماڳين
آءٌ مٺا تون موٽي!

ڇو ٿو ڇِرڪين ڇو تہ ٿَهين ٿو، نيڙي آ دل جاني،
قرب جا بَند ڪمند پيا ڳٽ ڳوپ ڳنڍيون ڳل ڳاني،
توڙي ڏڪارين در نہ ڇڏيندس، محب اوهان کان مُنهن نہ مٽيندس،
درد وارن سان ڇڏ او دلبر،
عذر گهٺا دل ڪوٽي –
ماڳين
آءٌ مٺا تون موٽي!

ساري رات سنياريو سهٺا، ڏُسڪيو ڏينهن ڪيان ٿو،
تارا تارن سان ٽمڪايو، نياپا چنڊ ڏيان ٿو،
هر هر ڏِياتيءَ جي وَٽ سوريان، نيڙو ڪتين سان ڏِک اوريان،
"عارف" سان ڪَر ڪيئن عجيبا،
نازڪ يار ليچوٽي –
ماڳين
آءٌ مٺا تون موٽي!

وهي اوريون اور، ٻرين اڄ،
ويهي اوريون اورا

سنڌ ملڪ جي آئي سونهي، — تون ٻي اڄ هرجائي موٽي،
تنهنجي جُڙاڻيءَ جي صدقي تون، — سِڪ جو ڇڪڙو ڇور، ٻرين اڄ،
ويهي اوريون اورا

لوڪ جا مهڻا موڪ ملامت، — هاءِ، وڇوڙو، آ هڪ شامت،
تو آئي ويا ـ سورن جو هيت، — ڪوند ٻچو ڪو ڀور، ٻرين اڄ،
ويهي اوريون اورا

ڳڻن پريون ڪر ڳالهيون جاني، — مُرڪي ڪَڻ تون اڪ مستاني،
تنهنجي ڪُهورَ ڪري جڻ ملڙا، — ڀيهي مَنَ ۾ ڀورَ، ٻرين اڄ،
ويهي اوريون اورا

توکي جانب ڇالڳ سياڻا، — ڇا، جي ڏسي ويا سورَ پُراڻا؟
ٻر آ "ٻرده" آس ملڪ جي، — اڄ ڀي نئين نڪورَ، ٻرين اڄ،
ويهي اوريون اورا





ٿر جو هڪ نظارو

-واري ۾ ھاٽي



ٿر جو هڪ نظارو - سُڪي ۾ ساوڪ

ڏولڪر چڙهيو ڏيءِ جوڀنُو،
ڪوري
رهه ڪيو آهاڻو ڏور–
ڏورو ......

اوليچي ڪنوڻ ڪِنوڙي،
ڪوري!
جهڙڦڙ وسن مينهن –
ڏورو......

ڀريا رڻ جا ٽوڀيا،
ڪوري!
ڀريو اباڻي رو ڏيس!
ڏورو ......

چوڏس ڀونر چانڊڻي،
ڪوري!
رَمَڻ جهڙي رات –
ڏورو ......

ڀون ڪُليئي آهين، اوڏڙيون،
ڪوري!
هيڪڙي جيڏل ڏور–
ڏورو
ساڃي هير رو!

جبل تي چڙهي ڏيءِ ڏاو،
سهڻي،
ته اباڻو ديس ته ڀري رهجي ويو –
ڏاڳو ......

مٿاهين ڪنوڻ چمڪي،
سهڻي،
جهڙ ڦڙ مينهن وسن ٿا –
ڏاڳو ......

رڻ جا لنڊڙا تلاءَ ڀريا،
سهڻي،
۽ اباڻن جو ڏيهه به ڀرجي ويو –
ڏاڳو ......

چوڏهينءَ پندرهينءَ تاريخ جي چانڊوڪي،
سهڻي!
ڪيڏڻ جهڙي رات –
ڏاڳو ......

ڀون سڀ ويجهيون آهن،
سهڻي!
پر هڪڙي ساهيڙي ڀري آهي –
ڏاڳو
سڄي سون جو!

## (٣) ڪاڳڙو

[ٿر ۾ ڪانگ کي «ڪاڳ» چوندا آهن ۽ پيار مان «ڪاڳڙو». ناري ۾ پرڻيل ڇوڪري ڪانگ کي لنوندو ڏسي ڳائي ٿي:]

ڪوٺيءَ مٿي ڪاڳڙو، لنيو ڏي لاٽيون؛
ڀڄي ٻاڙي وارئين، «مارِا ڪاڳ ڪجاڙو چوءِ؟»
ڙي ڀڙا ڪاڳڙا!
تون اڏامي وڃ،
آءٌ ويٺي وس ڪهران،
پنهنجي وڳر ته شال وران!

رات جا ويئي ماڻهين ......
گهر گهر ڪري نهار ۾ ........

(هاڻ گهر ۾ گولا ڪري ٿو)

هٽ جي ڏئم اوڙا ڳنگهرا، وڙي امان، امان!
تنهن لوڙي جڙ چڏيو-
ناهي.........

(ماءُ خاموش آهي)

هيءُ جا ڏسان ٿي رت ٽرائي، وڙي امان، امان!
تنهن رتڙي گهاءُ ڪيو-
ناهي.........

رات جو آيو ڪاسائيڙو، وڙي ابا، ابا!
تنهن ته پڪرڙو ڪئو!
شهزادي،
وندل ٻائي!

ڪوڙ ٿي ڪرئين وڙي خولڻ ڪتي!
تو ته ڪنڙي ڪنوار
ناهي.........

ايءُ چڏي ٻي آڻ، وڙي ابا، ابا!
ججها ڏيانس وڳا!
شهزادي،
وندل ٻائي!

جا تو له سئي پنهنجي، وڙي خولڻ ڪتي!
سا ڪئن سهندين پرائي؟
ناهي راول ڏيءُ،
ناهي سوداگر لهن!
شهزادي،
وندل ٻائي!

## (٦) منڌ يئڙو

[«منڌ يئڙو» يعني کير ولوڙڻ جو «جهيرڻو»، جو ٿر جي هڪ وڻ جي پاڙ مان ٺاهيندا آهن ۽ بيحد مضبوط ٿيندو آهي. هيءَ گيت گهڻو ڪري عورتون وڏي ماني ولوڙڻ وقت ڳائينديون آهن، ۽ اهو ويل اهو نهايت دلڪش معلوم ٿيندو آهي.]

سائينءَ ڪئڙو سڳار، منڌ يئڙو ڪُڙڪي!
لٿو ڏيهه تان ڏڪار، منڌ يئڙو ڪُڙڪي!
جنين رکيو پڄ لاءِ،
مَرِ وسي لي ري،
تن جون تون اسيون پڄاءِ!
منڌ يئڙو ڪُڙڪي!
جنين رکيو لاپ لاءِ،
مَرِ وسي لي ري،
تن جون تون ڪوئيون ڍاهه!
منڌ يئڙو ڪُڙڪي!

پکو ڪوڙيم پٽ تي، سهر ساري پٽ......
اسان آسون پنيون، گهر گهر مانيءَ ڇاهه......
رزق ڏيئم رحمتي، سانيءَ ميهو کير......
پٽ تہ ڏيئم جهنڊلو، جهجهي چوٽي سان......
پُنين پائرين پائنين، هوئيم جوڙ سجوڙ......
اڻ منگيا منگايئين
مَرِ وسي لي ري،
مگيڻ موڙ پڌاءِ!
منڌ يئڙو ڪُڙڪي!

(سگار=سڪار؛ مروسي لي ري=پل تہ وسي وٺي؛ ڇاهه=جهڻ؛ ميهو=ماهيو، مينهن جو؛ جهنڊلو=ڪهاڻن وارن وارو؛ چوٽو=رزق، عمر؛ اڻ منگيا=جن جو منگڻو ٿيل نہ هجي.)

ڪاهي ري ٻُوري مينس! رڙڪين؟
هُون تان (فلاڻي) ڏوجهارڻ روويرا
ملوڪ، جهالريو!

ڪيهو ويرو آيو، ڀينل، آڳيٺي؟
او تان ڇنڊ يا عطر گلاب!
ملوڪ، جهالريو!

چاراڻي رو ڏيسي گهوڙلو،
او تان ڏيسي گهڻا رلگ ڀات!
ملوڪ، جهالريو!

”اڙي ٻُوري مينهن! تون ڇو ٿي رڙهين؟
آءٌ تہ فلاڻيءَ (نالو ڀيڻ جو) ڪير ڏوهندڙ
جو ڀاءُ آهيان! (ڪو ڌاريون نہ آهيان)“
مٺو، جهالريو!

هي ڪهڙو ڀاءُ آيو آهي، ڀيڻ، اڱڻ تي؟
جو ڇڻ تہ عطر گلاب ڇنڊجي ويا آهن!
مٺو، جهالريو!

هو سيٺن کي تحفي ۾ گهوڙو ڏيندو،
۽ ٻيا بہ گهڻيئي سٺا سامان ڏيندو—!
مٺو، جهالريو!



# نظم

"تنوير" عباسي

## موهن جو دڙو

اي اسان جي چمڪندڙ ماضيءَ جي ھيرن جا نشان!
تنهنجي ويرانيءَ ۾، ڇڻ ايڏي ڪشش آئي ڪٿان؟
تنهنجي بربادي تان صدقي، تنهنجي مٽيءَ تان نثار!
تنهنجي بربادي ٿي ٿي وئي آھ تنهنجو يادگار-
تنهنجون ھي ويران ۽ ساڪت گھٽيون، ھي رَڪَ جا ڍير،
دور ڏسڻ کان ڏسڻ لءِ ٿا اچن ڏس ڪير ڪير-
بي ڪفن مُردي جي مٽيءَ ۾ ڍڪيل ھيءَ کوپري،
جنهن ڏٺي آ سنڌ جي تهذيب کي ھڪ زندگي!
تو ڏٺا آھن زماني جا گھڻائي انقلاب،
تنهنجي سيني ۾ لڪل تاريخ جا آھن ڪي باب:
تون زماني ذي زماني کان نهاريندو رھئين،
سنڌ کي ماضيءَ جي عظمت ڏي پڪاريندو رھئين -
۽ سدائين سنڌ تنهنجي سڏ ۾ سڏ ڏيندي رھي،
تنهنجي ماضيءَ جي بلنديءَ ڏي وري ايندي رھي،
قافلا تهذيب جا منزل طرف وڌندا رھيا،
سنڌ جي گلشن ۾ ڪيئي گل نوان کلندا رھيا،
۽ وري ”مهراڻ“ جي مٽي مٿان ٻَرَ ٻيالا ٿيا،
ھن اڃايل سر زمين جا چپ وري آلا ٿيا:
- اوچتو ٿي اوچتو ٿوڪي ھئي ڪھڙو ٻُور ٻيو،
جو ڪٿي ويران نظرون سنڌ ڏي تو ھيٺن ڏٺو!
تنهنجي اکين جي انهن ويرانين جو ھو اثر،
جو ويا برباد ٿي ٻل ۾ سوين آباد گھر-

منهنجي نيلي لهر سهيلي،
لهرن واري جيئي البيلي،
منهنجو دلبر ساگر چنچل - ڳوليان ٿو مان پاڻ وڃايل!
هيءُ سج، چنڊ، ستارن وارو،
منهنجو هو آڪاس پيارو،
منهنجي ٻوندڙيءَ جو هو ساحل - ڳوليان ٿو مان پاڻ وڃايل!
هي برساتي بوندون رم جهم،
منهنجو ڏاريندڙيون هئيون سڀ غم،
اندر-ڏنش، اوجل، دک-نرمل - ڳوليان ٿو مان پاڻ وڃايل!
هيءُ پکڙين جو اڏندڙ ميڙو،
مون کي پيي ته اڏائيندو هو،
ڏيندو هو آنند اجهل - ڳوليان ٿو مان پاڻ وڃايل!
ڪوتا جون خاموش ادائون،
ٿهلائي سي سنيه پڄائون،
ڏينديون هيون وسرام وصل - ڳوليان ٿو مان پاڻ وڃايل!
ڪئين سنگيت سُرن واريون،
پياريون تارون-رس ميں ڏارون،
جاڳائينديون هيون من مرجهل - ڳوليان ٿو مان پاڻ وڃايل!
مون لئه هر اڄ ناهه بهاري،
سان ٿي پيو آهيان سنساري،
آسکن جي اڄ ناهه آڇل - ڳوليان ٿو مان پاڻ وڃايل!
مان آهيان مرجهايل ڏمڪايل،
حاسد جڳ جو سان هيسايل،
هائي ٿوڙي پنڌن پر پل - ڳوليندس سان پاڻ وڃايل!

*   *   *

هائي پيي ڪا دير نه آهي، گذرئي کي تون چڏ سهسائي؛
سورج اُبتن وبو نيي، ليڪن، آيرڏ جو انجام پُڏائي!

عبدالقيوم ”صائب“

# محسوسات

هي عشق وچي اڄ ڪيڏي ٿو؟
ڇا، حسن ڪا بازي ڪيڏي ٿو!
پنهنجو پنهنجو مقصد – ٿورو ڪير ٿو ڪنهنکي لائي!–
هر ڪاڪ محل جي ماڙين ۾ هير سنڀالي ٻائي،
هن عقل و خرد جي بازيءَ ۾ ٽيڙ نه ڪوئي ڪائي،
– ڪنهن هوش سنڀاليو آهي!
ٻائيءَ تي اڄ هرڻيون آيون،
ٽلنديون ٽپنديون ڪي تاريون!
چشمي جي چوڌاري ماريءَ دام وڇايو ٿاهي!–
ٻڪا سوچي سمجهي آئي چشم زدن ۾ آهي،
ڇاتي ٺوڪي چونديون آيون ٻاڻ ۾ سينو ساهي،
”هي دام ٻچڻ ۾ چاهي!“
– ڪنهن هوش سنڀاليو آهي!
رڻ جون نياڻيون افتان خيزان،
شادان شادان، نازان نازان!
ڪم ڪار ۾ آهن ديوانيون مست نگر جون راڻيون،
ٻاليون ڀوليون ڏسجن پيون، آهن ڏاڍيون سياڻيون،
جن هير سنڀاليا اهڙا، تن ڇاڻ مرادون ماڻيون،
هوءِ چو نه هلن سڀ ڪاهي!
– ڪنهن هوش سنڀاليو آهي!
نيو مست نه ماڻي ڪنهن ٿائي،
هي رنگ متان ڪو رنگ آئي،
ڪا مهل نه ڪنهن جهڙي، ڪر موڙي نه وهي ڪو ظالم،
ٿي شور نه ٻئي برپا، آشوب فضا ٿئي قائم،
شوريده سرن ڪي ڏسندي، رهجي نه وڃي خود ناظم،
هي وقت سمهڻ جو ناهي!
– ڪنهن هوش سنڀاليو آهي!

صلح جا سالڪ بڻيا ڇو صلح جا ويري وڏا،
ٿا اڏن سي هاءِ! اتياچار جا اونها اڏا،
اهنسا جي اوٽ ۾ حيوانيت جو راڄ ڇو؟
ٿو بڻي انسان اڄ انسان جوئي ڪاڄ ڇو؟
بيگناهن لئه سڄو عالم بڻيو شمشان آ:

هاءِ! اڄ انسان پيي حيوان آ.

جو جڳت جي قوت ڪارڻ سخت سردي ٿو سهي،
گهور ساوڻ جي گهٽائن ڪان نه ڀلجي ٿو نهي،
جيٺ جي لڙسات ۾ جو ساهسي سورهيه سڙي،
هاءِ! سو هاري هميشه ٿو ڪٽي ڪارڻ رڙي؛

هاءِ! اڄ انسان پيي حيوان آ.

تياڳ جي تصوير جا سنسار جو سينگار آ،
هر گهڙيءَ جنهن مرد تي پنهنجو وسايو پيار آ،
زندگيءَ ۾ ڀيڻ، ڀاڀي، ڌرم-پتني، ماءُ ٿي،
جنهن ڪيو سنسار سک-مئه، مرد سان همراه ٿي،
آن لاٿيءَ لار جو هن جڳ ڪيو اپمان آ:

هاءِ! اڄ انسان پيي حيوان آ.

درد واري دل ڪٿي؟ ميٺاج وارو من ڪٿي؟
صاف، اوجل ۽ ديا وارو ڀلا دامن ڪٿي؟
شرم واريون، مرم واريون، سي نگاهون اڄ ڪٿي؟
هاءِ ڙي! همدرد دل جون سي دعائون اڄ ڪٿي؟
"پارتيءَ" جي دل اندر ساٿي! اهو ارمان آ،

هاءِ! اڄ انسان پيي حيوان آ.

---

# نيون طرزون

هري دريالي "دلگير"

## "ترائيل"

"ترائيل" فرانس جي مشهور نغمي جو قِسم آهي، اِئين، جيئن انگريزيءَ ۾ "سانيٽ" لکيو ويندو آهي. هيٺيان ٻه نظم ترائيل جي نموني لکيا ويا آهن.

### اهو ساز

اج ته هي ساز ڪٿي، گيت ٻه ني ڇيڙي ڏس–
ڪلّ آئي، سازُ اهو اج نه سپائي ٿئندو!
ساهُ وجهه صحرا ۾، نغمن جون ڪليون نيڙي ڏس–
اج ته هي ساز ڪٿي، گيت ٻه ني ڇيڙي ڏس.
جا بجا سُرَ ٿي ٻڪيڙ ٻلّ، سي هنر ميڙي ڏس–
پنهنجو آواز اهو اج نه سپائي ٿئندو.
اج ته هي ساز ڪٿي، گيت ٻه ني ڇيڙي ڏس–
ڪلّ آئي، ساز اهو اج نه سپائي ٿئندو!

### حسين موت

قبر منهنجي تي رکي ڦُول، ڏيا ٻارين ٿي–
بي غرض پيار جي پاڪيزه وفا تان صدقي!
زندگيءَ کان ٻه حسينُ موت آ، سيڪارين ٿي–
قبر منهنجيءَ تي رکي ڦول، ڏيا ٻارين ٿي.
جيي آئان ٿو، جي ڳوڙيون مون سان ٻه ني ڳهارين ٿي–
سيسڪندڙ سونهن جي معصوم ادا تان صدقي!
قبر منهنجي تي رکي ڦول، ڏيا ٻارين ٿي–
بي غرض پيار جي پاڪيزه وفا تان صدقي!

تنوير عباسي

# "سانيٽ"

## اس ۽ مکڙيون

هڪڙي خاموش ۽ انڌيري رات—
هو ڏنو چنڊ مکڙين کي جنم،
جڻ لهي ويو هو ڪائنات جو غم،
مکڙيون مرڪيون جڏهن به ٿي پرڀات،
هير جيئن جيئن سحر جو لهرائي،
ماڪ مکڙين جو منهن چمڻ آئي!

جڏهن روشن ٿيو صبح جو آڪاس—
ڪرڻا مکڙين جو هار ٻنجي پيا،
چٽڪ سولهري چار ٻنجي پيا،
ٿي وئي ساري ڪائنات اداس—
مکڙين جو گلو گهٽيو ڪرڻن،
تن کي مرجهائي ڇڏيو ڪرڻن!

# غزل

علامہ اسد الله شاه "فدا" لکڙائی مرحوم

صرف ٿيي وئيي عمر منهنجيي درميانِ ڪوِي دوست،
بس ٿيو مالوسِ خاطر آستانِ ڪوِي دوست.

روضۂ رضوان ۾ ناهي، ڪجھ لشانِ ڪوِي دوست،
لامڪان جي شان سان مَتَ آھ شانِ ڪوِي دوست.

قبر ۾ ڪفنِ شهيدِ نازِ خون آلوده آھ،
ٿيو منشر تا حشر آ باقيي نشانِ ڪوِي دوست.

بي مددِ دلبرؔ اچي هت رشڪ جنت ۾ ٿو ڪير؟
خضر بڻ هڪ آھ ٿيو گرگشتگانِ ڪوِي دوست.

هن سبب کان ٿيي زبان بلبل سنڌي آهي فصيح،
روز شب جو ان ڪئيي وصفِ بيانِ ڪوِي دوست.

ڇا رضا اي سوختہ دل، قطرۂ مي واسطي،
ساغرِ خون ٿا ولن هيي ساقيانِ ڪوِي دوست.

پيرهن قاتل جو رنگين ٿيو، نشانِ خون کان،
جيي وري هن کان پياسين، ڪشتگانِ ڪوِي دوست.

ڪين هت ڪجھ ٿا رکن پي ڪا بها يوسف جمال،
مصر جيي بازار کان وڌ ٿيو دڪانِ ڪوِي دوست.

غ ِ جنت همسريءَ جيي ان سان دعوىٰ ڪيئن ڪري،
ڪيي منقش آھ ڪجھ خون مقتلانِ ڪوِي دوست!

ريشِ تيغِ نازِ تي ٿيو مرهمِ لمڪين خنده،
زير بار احسان ٿيا، سب عاشقانِ ڪوِي دوست.

ڪشتۂ ناز آهيان، تڏهين اچن ٿا بار بار،
لطف سان مون ڏي "فدا" ڪاهيو سگانِ ڪوِي دوست.

بس ڪڇڻ ڪان، رڳو لڇڻ ئي لڇڻ،
مون کي پي لهر جان، اي ساٿي، ڇاڻ!
شال هڪ پل جي لئه ليئو پائي،
عمر ڪان منتظر سان جنهن جي ڪاڻ!
بزمِ دنيا ۾ ڪنهن جي سڏ ڪان سوا،
سان هلي آيو آهيان پنهنجو پاڻ.
اي بهارا اچ پلي، تون مون ڏي هلي،
پر خزان کي نه پاڻ سان گڏ آڻ!
لڙڪ ائين ڇوهه سان پيا ڇلڪي،
جيئن ساوڻ ۾ اٿلي پئي مهراڻ.
ان گهڙيءَ تان سموري عمر نثار،
جنهن ۾ توسان ٿي منهنجي روح رهاڻ.
منهنجي لهرن سان لڙ لڳل آهي،
تون ئي، اي ناخدا! ڪنارا ماڻ.
وار تنهنجا جڏين اماس جي رات،
تنهنجو منهن ڇڪ چنڊ جي چانڊاڻ.
صبح ٿيندي ئي ٿيو گلن جو خون،
ڪا خبر ناهه، ٿيندو پيو ڇا هاڻ؟
رات ڪاريءَ جو هي ڪفن ڦاڙي،
ڇاڻ ظاهر ٿيا صبح جا اهڃاڻ.
گلرخن جو ٿيو ذڪر جي "تنوير"،
ساري محفل ۾ ٿي وئي سرهاڻ.

## شيخ عبدالحليم "جوش"

وطن جي خاڪ سان ٿئي خاڪ مشتِ استخوان پنهنجي،
وطن تان ٿي وڃي قربان جانِ ناتوان پنهنجي.
بلندي عرش جي، صحرا جي وسعت، زينتِ گلشن،
مرڪب ٿاهجي تن جو ته ٿئي سنڌي زبان پنهنجي!
ترقيءَ تي هجي، ويجهي وڌي، سرسبز ٿئي هردم،
زبان سان گڏ وطن پنهنجو، وطن سان گڏ زبان پنهنجي!

لڳائي ليئن جو نعرو، لسنگ نالڳا لٿي ڪي ڪي،
ڏکئي سڙ پرت جي ۾ پير پائيندا آچي ڪي ڪي.

نہ سوکو عشق آھي، تون نہ ڪر سڌ بوالھوس ناحق،
ھتي مرندا وري جيئندا پتنگ وانگر پچي ڪي ڪي.

ڪسوٽي قرب جي اھڙي سٺي محبوب وٽ آھي،
ڪريل ڪوٺا پچي ويا سڙ، ٿيا رنا رچي ڪي ڪي.

ھزارين ھٿل ھلاچا ھن جھان جي عشق ۾ آھن،
ٻري ھن بحر مان لڪتا بھادر ٻر بچي ڪي ڪي.

نہ ڳالھين سان ڪٿي آھي ڪڏھين ڪنھن قرب جي بازي،
محبت جي اي يارو، ڏور ڏوريندا ڪچي ڪي ڪي.

لباسِ زھد سان سجادہ تي ويٺل گھڻا ڏسبا،
خبر سھڻي سندي، صادق سڻائيندا سچي ڪي ڪي.

ٻجي آخر پچي ويا ڪي، ڪيئن جو ويو نشان ڪر ٿي،
"اسد" منزل تي پھتا مرد ٿي مانجھي سچي ڪي ڪي.

مشڪل ۾ نه مون آه ڀري دانهه ڪئي،
ڪلهه خواهه سڀان جي ته ڪا پرواهه ڪئي؛
ڇا روڪ سگهندي راهه ۾ آئي آڏو،
لوڪن سان هٺائي مون سنئين راهه ڪئي.

ساگر کان ڪڏهن دور ڪنارو رهندو؟
نظرن کان پري ڪين نظارو رهندو؛
اوير ڪي جڏهن دوست! ڪندو سج روشن،
اوله ۾ ڇا ان وقت انڌارو رهندو؟

هڪ تون هجين، پيو مان هجان، برسات هجي،
۽ پهرين ملاقات سندي رات هجي؛
سا رات وري اهڙي هجي جنهن جي شل،
اي جان! ڪڏهن ڪٿي نه پريات هجي.

جنهن دل ۾ نه احساس، اها دل نه ڪپي،
لهرن کي ڏڪاري، اهو ساحل نه ڪپي؛
حاصل ٿئي جنهن تي، نه مسافر کي مراد،
اي سائين! اسان کي اها منزل نه ڪپي.

تو ساڻ ٻه ٽي ڏينهن گذاري نه سگهيس،
وڇڙيس، ته وري لڙڪ ٻه هاري نه سگهيس؛
سؤ بار ڪيم توکي وسارڻ جا جتن،
پر هاءِ ڙي تقديرا وساري نه سگهيس.

هي ٽٽل ساز پرانو ٻه وڄايون ڪيئن؟
آواز نئين کان ٻه نڀايون ڪيئن؟
جيون کي ڇڏي، موت جا نغما ڳائي،
اي دوست! جنازن کي سجايون ڪيئن؟

ڪنهرجن جي ڏهاڙي ٿي لڳي ڀيڙ نئين،
۽ دل ۾ آئي درد لشون، پيڙ نئين؛
قدرت کان مليل ڪوٺي مقدر کي ڇڏي،
اڄ دوست! ٺهرايون اسين تقدير نئين!

# ٢


## اسان جا

١- پشو پاشا — جمال ابڙو
٢- ڪهاڻي — گوور ن محبوباڻي
٣- ”لوڻي“ — ”تنوير“ عباسي
٤- تون پڇين ٿو، مان اداس ڇو آهيان؟ — ڪيرت ٻاٻاڻي
٥- ناڪام محبت — عبدالرزاق ”راز“

## ٻين جا

١- دنيا جا رنگ — والنيئر
سنڌيڪار: چنا شبير ”ناز“
٢- طوفان — پدمارا
سنڌيڪار: هادي بخش لاڙڪ
٣- گل نرگس جو جنم — يوناني ديو مالا تان ورتل
سنڌيڪار: قادربخش نظاماڻي
٤- چنڊ ڏنو...... — ش. مظفرپوري
سنڌيڪار: ش. م. ”ثنائي“

## ناٽڪ

١- ”واپرڙو“ — محمد عثمان ڏيپلائي
٢- ڪمدار — ڪشور جيون

## لوڪ ڪهاڻي (سنڌ جي)

١- ”پاڻ وهيٺي پري“ — محمد ابراهيم جويو

”ويچار؟ ڇا لاءِ؟ ڀيڻ، جڏهن ڀريت ٿي رکيئي تڏهن ڇو نه ٿي ويچار ڪيئي؟ ڀر مان ته وچان ٿي. وري موٽي تو وٽ ڪانه ايندس- ها! هر هڪ ڳالهه ياد رکج: جڏهين ڳوٺ جي ماڻهن واتان منهنجي بيهودي ٻچار ٻڌين، تڏهن مون کي ڏوهه نه ڏج، ڀنگهٽ! ڀلو آخرين الوداع ......“

ڀنگهٽ جي دل تي چوٽ لڳي. هن رڙ ڪئي، ”چمپا! موٽي آءُ!“

”موٽي اچان؟ ڇو؟“

”اچ اچ! مان توکي ڀاڻ سان ملائڻ لاءِ تيار آهيان. جڏهن سماج تو کان منهن موڙيو آهي، تڏهن مان توکان منهن ڪيئن موڙيندس. خوب ڄاڻان ٿو ته توکي اجهي ڏينهن کان پوءِ تنهنجو ۽ منهنجو موت لازمي آهي، پر پلائي ڪندي مرڻ به ته امرتا جو درجو پائڻ آهي. اچ! منهنجي آغوش ۾ اچ!“

خوشيءَ وچان چمپا جون اکيون چمڪي اٿيون. هن ڊوڙ پاتي- ۽ پوءِ ڀنگهٽ جي ٻانهن ۾ ڏڪاءُ ٿيو...





"سنڌ جي نينگر"

— چترڪار : سيد ظفر علي شاه

تہ ڪڏهن ڪڏهن؛ ڀريائين ٽڪرا ٽڪرا خط لکندو هو ۽ پوءِ آهستي آهستي ڪري خط لکڻ بہ بند ڪري ڇڏيائين. سندس خطن ۾ سدائين سندس فن جي قدر نہ ٿيڻ جو ذڪر هوندو هو.

هڪ سال بعد، اوچتو هن جو خط آيو، جنهن ۾ هن پنهنجي اچڻ متعلق لکيو هو.

جنهن ڏينهن هو اچڻ وارو هو، تنهن ڏينهن مان اصل اسٽيشن تي ويس. گاڏي اچڻ تي مون ٿرڊ ۽ انٽر گاڏا ڳولڻ شروع ڪيا. خلاف توقع هو هڪ سيڪنڊ ڪلاس گاڏي مان سوٽ ڪيس کڻي هيٺ لٿو.

مون ڏٺو تہ هو ساڳيو رفيق هو. اسڪول وارو رفيق، جنهن جا ڳل پريل هئا ۽ وار سليقي سان سنواريل هئا، ۽ هڪڙي چڳ سندس پيشانيءَ تي لڙڪي رهي هئي، ۽ هو هڪ اوچي سوٽ ۾ ملبوس هو.

هن گاڏيءَ مان لهڻ شرط سوٽ ڪيس ڪوليءَ جي حوالي ڪيو ۽ مون سان چنبڙي ويو.

گهر وڃي اچڻ بعد، مون هن کي چيو، "تنهنجي حالت هاڻي سڌري وئي آهي- شايد هاڻي دنيا تنهنجي فن جو قدر ڪرڻ لڳي آهي......!"

"ها......!" هن هڪ ٺڪيءَ مرڪ سان چيو. "چو تہ مون هاڻ دليا جي "جذبات" جو قدر ڪرڻ شروع ڪيو آهي." ائين چئي، هن سوٽ ڪيس کوليو، ۽ هڪ تصوير ڪڍي، ٿڏو ساهہ ڀري، ان تي حسرت واري نظر وڌائين، ۽ پوءِ وڌائي مون کي ڏسڻ لاءِ ڏنائين.

مون هن کان تصوير وٺي ڏٺي...... اها ساڳي "مارئيءَ" جي تصوير هئي- اها ساڳي، جيڪا هن اڳئين سال مون کي ڏيکاري هئي. فرق فقط اهو هو تہ هُن جي ليڙون ليڙون ٿيل ڪپڙن مان بدن جي اوگهڙ ظاهر ٿي رهي هئي- ۽ هين جي "لوئي" لهي وئي هئي——!



"ش" مظفر پوري
سنڌيڪار: ش. م. "ثنائي"

# چنڊ ڏٺو........؟

رات ڪافي گذري چڪي هئي.

ان رات جو چنڊ زياده چمڪندڙ ۽ حسين هو. هوا ۾ ڪافي مستي هئي، ۽ شبنم ۾ ڪافي خنڪي. اشرف دريءَ وٽ ويٺي، ٻاهر حد نگاهه تائين ڦهليل سرسبز زمين ۽ گهاٽن وڻن تي هڪ نظر وڌي. چنڊ جاڳي رهيو هو. ڄڻ اشرف کي چئي رهيو هو–

"مون ڏٺو آهي...... مون ڏٺو آهي......"

چنڊ ڇا ڏٺو هو؟

چنڊ ڏٺو ته هڪ نوجوان دوشيزه آهستي آهستي قدم کڻندي، اچي دريءَ جي پرسان بيٺي، ۽ دريءَ جي تاڪ کي آهستگيءَ سان کڙڪايو. اشرف معنيٰ خيز نظرن سان هن کي ڏٺو، ۽ جلدي ئي پنهنجي ڪمري جو پوئون دروازو کوليو. دوشيزه تيزيءَ سان ڪمري ۾ داخل ٿي ۽ دروازو وري بند ٿي ويو...... هو ٻئي ڪجهه عرصو خاموش رهيا ۽ هڪ ٻئي کي ڏسندا رهيا. دوشيزه ڏاڍي گهٻرايل هئي. هن جو سينو ڌڪ ڌڪ ڪري رهيو هو، ۽ ساهه منجهي رهيو هو. هوءَ گهڙيءَ گهڙيءَ، ڪڏهن دريءَ جي طرف ۽ ڪڏهن دروازي جي طرف ڏسي رهي هئي. ڄڻ هن کي خوف هو ته ڪوئي اچي نه وڃي...... ڪير ڏسي نه وٺي. ان وقت دوشيزه جي اکين ۾ هڪ عجيب وحشت هئي– جهنگل جي ان نازڪ ۽ ٻاجهي ڪان به ڊڄندڙ هرڻيءَ وانگر، جنهن کي ڄڻ شڪاريءَ جي آهٽ ڪَنِ پئي هجي– هوءَ پنهنجي حلق ۾ گهڙيءَ گهڙيءَ ساهه کڻڻ وقت ڪا رڪاوٽ محسوس ڪري رهي هئي. جڏهن اشرف هن کي ڏٺو ته هن جي چپن ۾ جهٽ گهڙيءَ لاءِ لرزش پيدا ٿي– ڄڻ هن ڪجهه چوڻ پئي گهريو. الاجي هن ڇا پئي چوڻ چاهيو...... خبر نه آهي ته هوءَ اشرف جي اکين ۾ ڇا ڏسي رهي هئي، جو يڪدم ڪجهه چوڻ لاءِ بيقرار ٿيندي پئي ويئي. الاجي اشرف جي خاموشيءَ ۾ ڪهڙو آواز هو، جنهن کي ٻڌي دوشيزه تي خوف پئي طاري ٿيو. هن جي جسم ۾ هڪ دفعي ته اهڙي لهر ڊوڙي آئي، جو ڄڻ ڪنهن تي چولي هيٺ پنيءَ جي هڏي تي هڪدم ڪو جيت چڙهي ويو هجي.

آءٌ ڪپري تعلقي جي پير ڳوٺ طرف وڃي رهيو هوس. مون سان گڏ هڪ ساٿي به هو، ۽ وات جي خبر پوري هن کي به ڪالهه ٿي پيئي. پرسان ڪي غريب هاري ڪم ڪري رهيا هئا. ڪائن پير ڳوٺ جو ڪس پڇيو سون. ڪس ٻئي ڏسيائون، ته سندن ماني ڪڇي آئي.

"ادا، اچو ته ماني کائون!" هڪ چيو.

"نه ادا، شل خدا خوش رکيوَ! اسين پير ڳوٺ وڃي کائينداسون."

ٻئي هڪدم رڙ ڪري چيو، "اڙي مهمان جو وس، جو ماني نه کائين! وارو ڪري جهلين گهوڙن جون واڳون!"

هنن جي انهيءَ حڪماڻيءَ صلاح گهوڙن تان لهڻ تي مجبور ڪيو. پير ڳوٺ ۾ ته ڪڪڙ جي پلاءَ ملڻ جي اميد هئي، پر جيڪو مزو هنن محبت ڀرين ڏوڏن ۽ لسيءَ ڏنو، سو به سڄي عمر ياد رهندو!

۽ وڏي ڳالهه ته سندن صلاح! چي، "مهمان جو وس، جو ماني نه کائين! اڙي، جهلين گهوڙن جون واڳون!"

-م. ع. ڏيپلائي.



# ٣


ادب يا ساهت ڇا آهي؟ — پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻي
رَسُ ۽ ڀاوَ — پروفيسر جهمٽ مل ڀاوناڻي
بيهڪ جون نشانيون — سراج الحق
سيف الملوڪ — پروفيسر لطف الله بدوي
السان ۽ سندس دنيا — سنڌيڪار: محمد ابراهيم جويو
ابوالعلاء المعري — پروفيسر وائي. ايس. طاهر علي
درويش راضي شاهه لڪياري — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
سنڌ جو شاهاڻو درويش — موتيرام ايس. راموائي
جهرڪن جو شهر — خواجه عبدالحسين
سنڌ جي اقتصادي تاريخ (٢) — ڊاڪٽر س. پ. ڇبلاڻي
سنڌيڪار: سراج
ٽالپر حڪمرانن جون شاهي مُهرون — سيد حسام الدين راشدي
ادبي خط — شيخ حفيظ، رسول بخش پليجو ۽ جمال ابڙو
”مهراڻ“ جا موتي — گڏ ڪندڙ: ع. م. ڏيپلائي
سنڌي نثر مان مثالي ٽڪرا
پڙهندڙن جا پيغام
تبصرا — م. ع. ڏيپلائي

چولدا آهن تہ ”آفتاب آمد دليلِ آفتاب“ يعني سچ جي ثابتي تہ خود سچ آهي، ان کي پلا ڪرڻ هيٺ ڪيترو لڪائي سگهبو: تنهن حقيقت جي روشني کي ڍڪي هن بہ دائمي طرح دٻجي نٿي سگهي. دانشمندن جا دشمن بہ ليڪ الهيءَ معلومات جا قائل ٿيڻ تي مجبور ٿين ٿا، جا صحيح هجي- ڇو تہ اها انسان ذات لاءِ فائديمند هوندي آهي، انسان کي اونده مان ڪڍي سوجهري ۾ آڻيندي آهي.

اسان کي ڪڏهين بہ چمڙي وانگر اولده کي پسند رکڻ نہ گهرجي. جيڪڏهين روشني اسان جي وس ۾ نہ هجي، تہ بہ اونده کان نفرت ڪرڻ تہ لازم آهي. اها نفرت ئي اڳتي هلي نيٺ اسان کي اونده کان نجات ڏيندي ۽ اسان کي انهيءَ روشنيءَ جو ڏس ڏيندي، جا حاصل ڪرڻ هر انسان جو پيدائشي حق آهي.

دنيا جا اونداها گوشا اڄ بہ اهڙن انسانن سان ڀريا پيا آهن، جي غارن ۾ ۽ جهنگلن ۾ رهن ٿا، جن جي جانورن سان ئي اٿ ويهہ آهي، جي پنهنجي وحشانيت ۾ ئي مگن آهن- اهو ڇو؟ هن ڪري، جو هنن ۾ روشنيءَ لاءِ تڙپ اڃا پيدا ڪانہ ٿي آهي، هو اڃا انڌيري تي ئي قانع آهن. قدرت انهن کي ئي سوجهري ۾ آڻي ٿي. جي سوجهرو چاهين ٿا، جي وهم ۽ حقيقت ۾ تميز ڪرڻ جي پاڻ ۾ لياقت پيدا ڪن ٿا.



"قدرتي ڏيک"

— چترڪار: ڪاظمي

سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ.

# بيهڪ جون نشانيون

ٻولي، انسان جي خيالن، احساسن، امنگن ۽ جذبن جي اظهار جو بهترين طريقو آهي. انهيءَ اظهار لاءِ انسان، ٻوليءَ کي ٻن صورتن ۾ ڪتب آڻي ٿو: هڪڙي ڳالهائڻ واري صورت، ۽ ٻي لکڻ واري صورت. ڳالهائڻ وقت هرڪو ائين چاهيندو آهي ته ٻڌندڙ سندس هر جملي مان اهوئي مقصد ۽ مراد ڪڍي، جيڪا خود ڳالهائڻ وقت هن جي ذهن ۾ آهي. انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، هن کي جملي جملي کي علحدي علحدي ڍنگ سان ڳالهائڻو پوندو آهي. هر جملي جي مطلب ادا ڪرڻ وقت، ڪنهن هنڌ ڍرو، ۽ ڪنهن هنڌ تکڙو ٿي ڳالهائڻ؛ ڪٿي ٿورڙو، ته ڪٿي گهڻو بيهي، وري ڳالهائڻ شروع ڪرڻ؛ ڪن لفظن تي خاص زور ڏيڻ؛ ڪنهن فقري کي ٻين سڀني فقرن کان نرالو ۽ جدا ڪري پيش ڪرڻ؛ عجب ظاهر ڪرڻ يا سوال ڪرڻ - انهن سڀني مطلبن ادا ڪرڻ لاءِ، هن کي آواز ۽ منهن جي تاثر جا ڪيترا ڍنگ استعمال ڪرڻا پوندا آهن: ڪجهه لفظن جي معنيٰ سان ڏيندي آهي ۽ ڪجهه ادائگيءَ جا طريقا مدد ڪندا آهن، تڏهين وڃي مقصد ساب پوندو آهي. ساڳيءَ طرح هرڪو لکندڙ به ائين چاهيندو آهي ته پڙهندڙ هن جي لکيت مان مقصد اهوئي ڪڍي، جيڪو هو چاهي ٿو يا جيڪو هن جي ذهن ۾ آهي. ان ڪري جڏهين مٿين سمورين ڳالهين کي ٻوليءَ جي لکڻ واريءَ صورت ۾ آڻڻو پوندو، تڏهن لازمي طرح، انهن ادائگيءَ جي نمونن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪو اثرائتو قدم کڻڻو پوندو - نه ته رڳا لفظ ته اهو مقصد ۽ اها مراد پڙهندڙ تائين (جنهن جي حالت ان وقت ساڳي ٻڌندڙ جهڙي نه هوندي آهي) پهچائي ڪين سگهندا. ٻولي جڏهين لکڻ ۾ اچي ٿي، تڏهين اهي ادائگيءَ جا نمونا ڪن نشانين جي صورت ۾ استعمال ڪرڻا پون ٿا، جن کي "بيهڪ جون نشانيون" يا "دَمن جون نشانيون" چئجي ٿو.

هر بيهڪ جي نشاني ڪانه ڪا مراد ادا ڪرڻ لاءِ مقرر آهي. لکڻ وقت، جڏهين اهي نشانيون ڪم آڻجن ٿيون. تڏهن نه لفظ، جملن جي جوڙجڪ الدر، پنهنجو اصل مقصد ۽ صحيح مواد پڙهندڙ کي ڏين ٿا. ڳالهائڻ وقت انسان کي ڪنهن فقري، يا جملي کان پوءِ ساهه کڻڻو پوندو آهي، ۽ ڪجهه وقت بيهڻو پوندو آهي - ڪٿي ٿورڙو وقت بيهڻو پوي ٿو،



ڊاڪٽر سوليڪيءَ واري ڪڏي جو خيالي وَڏاءُ



شانيدر غار ۾ ڊاڪٽر سوليڪيءَ وارو ڪڏو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# درويش راضي شاهه لڪياري

[ست اٺ سال ٿيا جو درويش راضي شاهه جا هڪ ٻه بيت ڪنين پيا، مگر سندس ڏس پتو ڪونه ٿي پيو. تان جو ٣٠- آگسٽ ١٩٥٢ع تي ميٺي (ٿرپارڪر) ڏانهن ويندي، سنيشن لٺين ڪوٽ جي ڀريان، راضي شاهه جي ميلي ۽ مقبري پسڻ جو اتفاق ٿيو. ان موقعي تي راضي شاهه جا ڪي بيت اتان جي سگهڙن وٽان مليا. اٽڪل ڏيڍ سال بعد، محترم رئيس حاجي علي محمد خان ٻناڻ (تعلقو سامارو) جي مدد ۽ مهربانيءَ سان ساماري، ٽنڊي باگي، جيمس آباد ۽ ڊگهڙي تعلقن جو گشت ڪندي، ١٨- نومبر ١٩٥٤ع تي، "دولهائي" (تعلقو جيمس آباد) جي لڪياري سيدن جي ڳوٺ ۾ جناب ميان علي اڪبر شاهه وٽ اچڻ ٿيو. ڪانئن معلوم ٿيو ته درويش راضي شاهه سندن خاندان مان هو. ميان علي اڪبر شاهه ۽ سندس ننڍي ڀاءُ ميان نورمحمد شاهه کان هن بزرگ بابت جو احوال معلوم ٿيو، لکيو ويو. ميان نورمحمد شاهه وٽ درويش راضي شاهه جي بيتن جو ڪجهه ذخيرو گڏ ٿيل هو، جنهن مان مستند بيت قلمبند ڪيا ويا. راقم الحروف مٿين بزرگن ۽ دوستن جو شڪرگذار آهي، جن هن مضمون جي مواد هٿ ڪرڻ ۾ مدد ڪئي - نبي بخش]

ٿر جي پٽن جي ڪنار جي دامن ۾، ٽالپور اميرن جي اڏايل "نئين ڪوٽ" واري قلعي کان ذرا اولهه ڏکڻ طرف ۽ ڊوري جي اپرندي طرف (تعلقي مٺي) مُهراڻي جي هڪ موهيندڙ ماڙيءَ ۾ درويش راضي شاهه جو مزار آهي- ۽ الهيءَ ڪري عام طرح هن درويش کي "مهراڻي جو مير" ڪري چون. راضي شاهه جي حياتيءَ جو وڏو عرصو ميرن جي عهد ۾ گذريو؛ مگر غالباً هو انگريزن جي اوائلي دور تائين حيات هو. سندس سنه وفات معلوم ناهي، پر شايد مهيني ذوالحج جي پهرئين ڏهي ۾ وفات ڪيائين، جو اڃا تائين سندس ساليانو ميلو، مهيني ذوالحج جي نائين تاريخ تائين لڳي ٿو.

راضي شاهه سنڌ جي مشهور لڪياري سادات جي هڪ خاندان مان هو. سندس ڏاڏو موليڏنو شاهه ڪلهوڙن جي آخري دور ۾ هو؛ ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن جي تصادم ۾ سندس همدردي ٽالپور اميرن سان هئي، جن جي مدد ۽ معاونت سان هو لڪيءَ طرفان لڏي اچي ڳوٺ خانپور

هو، ۽ راضي شاه جو جيڪو حال هو سو ٺي سندس قال هو. هيٺ اسان الهيءَ سر جا ڪي بيت قلمبند ڪري، هن مضمون کي ختم ڪريون ٿا:

موت نہ ماريا ڪاڙهي، موت ٻہ مارياٺون،
ويا ويراڳي لڪري، ڪهر نہ گهارياٺون،
ٻُريا ٻورب ٻنڌ تي، سيد مارياٺون،
محمد مڃياٺون، رسيا ”راضي شاه“ چئي.

---

اچي اٺي، ٻنڌ کهٽو، سنپريا سيٺي،
تنين مان ڪيئي، رسيا ”راضي شاه“ چئي.

---

لڪي ڳولين ڳوٺ کي، اڪي ٻهر ٻجن،
نڪي سوجهن سُج کي، لڪي رج رهن،
اوطاقون اهناس ۾، اڏيون آديسن،
وينا سي ونجهلن، ورهيہ اِن وِرُونهہ ۾.

---

بيٺا بازر ڪول، ياد ڪرو ڪن ڳوڏڙيا،
لانڪا پنهنجي لاٽ تان، وڃن کهولا کهول،
جي پڏا آهن پول، سي چوتاچور بن ٿي ڪينڪي.

---

چوتا ٿا چورين، اچا ڪي البت،
مَتهو، مجر، ملڪ ۾ آهي ڪامل وڏي ڪُت،
ڳڏجي ٻنبو ڳُهتَرِ ۾، وئبو ڪام ڳنلي جو ڳت،
جنهن جي پاڻ رکندو پت، سي سرها ٿيندا ”سيد“ چئي.

---

نائين ڏهين لسنگ، جوڳي هليا جات تي،
سک پڏائون سندرو، توفيق پڏائون تنگ،
آديسن آرام ڪثو پاڻ لڳن ڪو پنگ،
رات ڏنوسون رنگ، آهن ريڏا ”راضي شاه“ چئي.

---



سيٺ وشنداس نهالچند

Born. 1843

Died. January 7, 1929

شهر جي آدمشماري پاڪستان کان اڳ ۱۲۰۰ انڪل ڪن هئي، مگر هن وقت انڪل ۵۰۰ ڪن آهي. ماڻهن ۾ تعليم گهٽ آهي. هي شهر هڪ دريائي بندر آهي. اڳي وڻج واپار ۽ مسافري ٻيڙين ۽ اٺن ذريعي ٿيندي هئي، ۽ هاڻ ٻيڙين، لارين ۽ ڏڳن گاڏين ذريعي مسافري ۽ واپار هلندو آهي. هاڻي، شهر کي ويجهي ۾ ويجهي اسٽيشن "مٺينگ" آهي، جا انڪل ٻارهن ميل پري اتر اولهه طرف آهي. هاڻي لارين جي سهوليت ڪري "مٺينگ" اسٽيشن ماڻهن جي دل تان ٿي منجي ويئي آهي.

آس پاس وارو ملڪ غريب آهي. ماڻهن جو مکيه ڌنڌو کيتي آهي. مڱ، مٽر، چانهيون ۽ آرڻ چا چيٽي فصل سٺا ۽ جهججهي انداز ۾ ٿين ٿا. مينهن ٿوري ۽ پاڻي گهٽو چڙهي، تہ ماڻهو خوش ۽ سکيا. نہ تہ ڍورن جو گاهہ بہ مشڪل ملي، آبادي بہ گهٽ ٿئي ۽ ذري گهٽ ڏڪار جهڙيون حالتون پيدا ٿيو وڃن.

شهر جي اتر اولهہ طرف ٽن ميلن جي مفاصلي تي "ڪوٽڙي بئراج" جو واهہ لنگهي ٿو، جو اڃا ٺهي رهيو آهي. ماڻهن جون اکيون انهيءَ ۾ کتل آهن. شايد وري بہ جهرڪ هڪ سرسبز ۽ شاداب ملڪ بنجي پوي.

TEL. SKETCH
KARACHI.

The SKETCH
ARTISTS & BLOCKMAKERS

★ LINE · HALF TONE
★ TRICOLOUR
★ LETTER HEADS
★ TITLE PAGES
★ CINEMA SLIDE
★ POSTERS
★ LABELS

29, MANDVIWALA BUILDING, BUNDER ROAD
KARACHI-2

